ٻالڪ ڪتاب مالها

ڏاڪو: پهريون

# چڪر ۽ چٽو









**Phoenix Books**
C-73, GMB Colony, Qasimabad,
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Ph.00-92-22-2655021,
E-mail:trdsindh@yahoo.com

# چکرء چٹو



فینیکس بکس، حیدرآباد

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | چڪر ۽ چڻو |
| موضوع | : | ٻاراڻو ادب |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ | : | فينيڪس ٻُڪس ٽيم |
| سرورق ۽ خاڪا | : | شهديو ڏونگراڻي |
| ڇاپيندڙ | : | فينيڪس بوڪس، حيدرآباد [2011ع] |
| ڳاڻيٽو | : | 1000 |
| قيمت | : | 30 روپيا |



**All rights reserved**

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Chakar Aen Chanoo |
| Illustrations by | : | Shahdev Dongrani |
| Composing & layout: | | Phoenix Books Team |
| Published by | : | Phoenix Books, Hyderabad. (2011) |
| Copies | : | 1000 |
| Price | : | Rs. 30 |

# ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ٻاراڻا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. پر پوءِ بہ هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي جي اشد ضرورت هئي، جيڪو ٻارڙن جي ذهنن جي منظم ۽ باترتيب آبياري ڪري سگهي.

فينيڪس ٻُڪس ٽيم وٽ ڪافي عرصي کان هڪ اهڙي ڪتابي سلسلي شروع ڪرڻ جي رٿا هئي، جنهن تحت ٻارڙن جي نہ رڳو تعليم ۽ تربيت ڪري سگهجي، پر کين مستقبل جي للڪارن لاءِ بہ تيار ڪجي.

چاڻايل ٻاراڻي ڪتابي رٿا کي هڪ مقصد هيٺ ٽن ڏاڪن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ ٽئين کان پنجون درجو ٻئين ڏاڪي ۾ ڇهين کان اٺون درجو ۽ ٽئين ڏاڪي ۾ نائين کان ڏهون درجو شامل آهن. هن پهرين ڏاڪي "چڪر ۽ چڻو" پيش ڪري رهيا آهيون.

هن ڪهاڻيءَ بابت سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل لوڪ ادب سيرز ۾ ڄاڻايل آهي تہ آکاڻيءَ جون چار روايتون اتر (تعلقي وارهہ) مان غلام رسول جتوئي، (تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ) مان احمد خان "آصف" ۽ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل ۽ (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهر زادي کان مليون آهن. هيءَ ڪهاڻيءَ هن وقت بہ سنڌ ۾ مقبول آهي.

مٿي ذڪر ڪيل رٿا تحت ٽنهي ڏاڪن هيٺ نوَ موضوع متعارف ڪيا ويندا جيئن: فطرت، فطري لقاءَ، سنڌ شناسي، آکاڻيون، ماحوليات، صحت ۽ صفائي، رياضي، فلسفو اڳواڻ ۽ شاعري وغيره.

هن رٿا هيٺ ٻاراڻي ادب جا شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪري ٻارن لاءِ شايع ڪيا ويندا تہ جيئن هو شعوري طرح دنيا جي ٻارن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي سگهن. ان کانسواءِ سنڌ جون ٻاراڻيون لوڪ ڪهاڻيون پڻ شايع ڪيون وينديون تہ جيئن ٻار پنهنجي ثقافت، علم ۽ ادب کان بہ واقف ٿي سگهن.

روزينا جوڻيجو
فينڪس ٻُڪس

هڪڙي ڇوڪري ٻِتِ تي چڙهي چٽا پئي ڪاڏا. ڪائيندي ڪائيندي هڪڙو چٽو هن جي هٿ مان ڪري وڃي چڪر ۾ پيو ۽ گهٽوئي ڳوليائين پر هٿ نہ آيس.





آخر ويو واڍي وٽ ۽ کيس چيائين:

”واڍا ڙي واڍا! چڪر کي اُٽي ڏار،
چڪر منهنجو ڇٽو لڪايو آهي.“

واڍي چيو تہ منهنجو ڪهڙو ڪم جو آءٌ هلي چڪر کي ڏاريان.
جنهن تي ڀوڪرو ڪاوڙجي بادشاهہ وٽ ويو.





ءِ بادشاھہ کي چيائين:

”بادشاھہ ڙي بادشاھہ! تو واڍي کي لڏاءِ،
واڍو چڪر ڏاري،
چڪر منھنجو چٽو لڪايو.“

بادشاھہ چيو ڇوڪرا! منھنجو ڪھڙو ڪم جو واڍي کي لڏايان، جنھن تي ڇوڪرو راڻيءَ وٽ ويو.





ءِ راڻيءَ کي چيائين:

”راڻي ڙي راڻي!
تون بادشاهہ سان رُس،
بادشاهہ واڍي کي لڏائي،
واڍو چڪر کي ڏاري،
چڪر منهنجو چڻو لڪايو.“

راڻيءَ چيو تہ منهنجو ڪهڙو ڪم. تڏهن چوڪرو ڪُئي وٽ
وڃي پهتو.





۽ ڪُئي کي چيائين:

”ڪُوئا ڙي ڪُوئا! تون راڻيءَ جو هارُ چِنُ،
راڻي بادشاهہ سان رُسي،
بادشاهہ واڍي کي لڏائي،
واڍو چڪر کي ڏاري،
چڪر منهنجو چڙو لڪايو.“

تڏهن ڪُئي چيو تہ راڻيءَ منهنجو کھڙو ڏوهہ ڪيو آهي.





چوڪرو اُتان بہ نا اُميد ٿي ويو ٻلِيءَ وٽ ۽ ان کي چيائين:

”ٻلي ڙي ٻلي! تون ڪُئي کي مارِ

ڪُئو راڻيءَ جو هارُ ڇني،

راڻي بادشاهہ سان رُسي،

بادشاهہ واڍي کي لَڏائي،

واڍو چڪر کي ڏاري،

چڪر منهنجو چٽو لڪايو.“

ٻليءَ چيس تہ چوڪرا منهنجو کھڙو ڪم جو وڃي ڪُئي کي ماريان.





تڏهن هو وري ويو ڪُتي ڏي ۽ ان کي چيائين:

”ڪُتا ڙي ڪُتا! تون ٻليءَ کي مارِ،
ٻلي ڳئي کي ماري،
ڳئو راڻيءَ جو هارُ چني،
راڻي بادشاهہ سان رُسي،
بادشاهہ واڍي کي لَڏائي،
واڍو ڇڪر کي ڏاري،
ڇڪر منهنجو ڇٽو لڪايو.“

ڪتي چيو تہ ٻچي پري ٿيءُ، منهنجو ڪهڙو ڪم جو ٻليءَ کي ماريان.





تڏهن وري ڏنڊي ڏي ويو ۽ ان کي چيائين تہ:

”ڏنڊا ڙي ڏنڊا! تون ڪُتي کي مارِ
ڪُتو ٻلي ءَ کي ماري،
ٻلي ڪُئي کي ماري،
ڪُئو راڻي ءَ جي هارُ چِني،
راڻي بادشاهہ سان رُسي،
بادشاهہ واڍي کي لَڏائي،
واڍو چڪر کي ڏاري،
چڪر منهنجو چٽو لڪايو.“

ڏنڊي بہ سموري ڪهاڻي ٻُڌي چيس تہ منهنجو ڇا وڃي جو ڪُتي کي ماريان.





تڏهن ڇوڪرو ويو باهہ ڏي ۽ ان کي چيائين:

"باهہ ڙي باهہ! تون ڏنڊي کي ساڙ،
ڏنڊو ڪُتي کي ماري،
ڪُتو ٻليءَ کي ماري،
ٻلي ڪُئي کي ماري،
ڪُئو راڻي جو هارُ ڇني
راڻي بادشاهہ سان رُسي،
بادشاهہ واڍي کي لَڏائي،
واڍو ڇڪر کي ڏاري،
ڇڪر منهنجو چڻو لڪايو."

باهہ طرفان بہ ڪُتو جواب ملڻ ڪان پوءِ ڇوڪرو درياءَ ڏي ويو.





۽ درياءَ کي چيائين:

”درياءَ ڙي درياءَ! تون باھ کي وساءِ،
باھ ڏنڊي کي ساڙي،
ڏنڊو ڪُتي کي ماري،
ڪُتو ٻليءَ کي ماري،
ٻلي ڪُئي کي ماري،
ڪُئو راڻي جو هارُ چِني،
راڻي بادشاھ سان رُسي،
بادشاھ واڍي کي لڏائي،
واڍو چڪر کي ڏاري،
چڪر منهنجو چٽو لڪايو.“

درياءَ چيو تہ آءٌ باھ کي وسايان ٿو ۽ ائين چئي چوڪري سان گڏجي هليو.





باهه چيو ته ”مون کي نه وساءِ، مان ڏنڊي کي ساڙيان ٿي.“
ڏنڊي چيو ته ”مون کي نه ساڙ مان ڪُتي کي ماريان ٿو.“
ڪُتي وري چيو ته ”مون کي نه مارِ مان ٻليءَ کي ماريان ٿو.“
ٻليءَ چيو ته ”مون کي نه مارِ ڪُئي کي ماريان ٿي.“











ڪُئي چيو تہ ”مون کي نہ مار مان راڻيءَ جو هارُ ڇنان ٿو.“
راڻي چيو تہ ”منهنجو هار نہ ڇنُ، مان بادشاهہ سان رُسان ٿي.“
بادشاهہ چيو تہ ”مون سان نہ رُس، مان واڍي کي لڏايان ٿو.“
واڍي چيو تہ ”مونکي نہ لڏاءِ مان ڇڪر کي ڏاريان ٿو.“











چڪر چيو تہ ”مون کي نہ ڏار مان ڇڻو ڏيان ٿو.“





ڇُڪر ڇٽو ڏنو. جنهن کان پوءِ ڇوڪرو ڇٽو ڪائيندو خوش ٿي هليو ويو.



